بسم الله الرحمٰن الرحيم

# قرآن کي سمجهي ڪري پڙهڻ لازمي آهي

الله تبارڪ وتعاليٰ، هر شي کي هڪ خاص نهج ۽ خاص طريقي مطابق پيدا ڪري هر هڪ نوع ۾ الڳ الڳ خصوصيتون رکيون جنهن سان ان نوع جي شاخت ٿئي ٿي. پوءِ مخلوق جي هر هڪ نوع کي پنهنجي مقصد کي ماڻڻ ۾ ان جي هدايت ڪئي. ته جيئن هر هڪ نوع پنهنجي پنهنجي مقصد کي آساني سان حاصل ڪري سگهي. بلڪل اهوئي معاملو انسان سان به آهي.

ڪائنات جي خالق انسان کي پيدا ڪري نه صرف عقل ۽ فهم جي قوت عطا فرمائي پر ان سان گڏ انهن جي رهنمائي لاءِ وحي جو سلسلو به مقرر ڪيو ته جيئن انسان شخصيت جي صحيح تعمير ڪري پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري سگهي. پنهنجي زندگي اهڙي طرح بسر ڪري جهڙي خدا تعاليٰ کي پسنديده آهي.

وحي جي هدايت جي آخري ڪڙي قرآن مجيد آهي. جنهن ۾ اڳين ۽ پوين ڪتابن جي صحيح ۽ حقيقي تعليم جو روح سمايل هجڻ سان گڏ هر دور جي تقاضائن کي سامهون رکندي هدايت ڏني وئي آهي.

هڪ انسان تي ڪهڙيون ذميواريون آهن، انسان کي زندگي ڪئين گذارڻ گهرجي. سندس زندگي جو مقصد ڇا آهي؟ انهن بنيادي حقيقتن کي قرآن جي اندر بيان ڪيو ويو آهي. قرآن جي تعليم انسان جي فطرت جي تڪميل آهي. يعني قرآن مجيد جي تعليم سان انسان پنهنجي شناخت ڪري پنهنجي فطري تقاضائن جي تڪميل ڪري سگهي ٿو. جيڪو زندگيءَ جو مقصد آهي. حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي هدايت جيڪا وحي جي ذريعي اسان کي ملندي رهي آهي، اها تمام آسان ۽ سادي انداز ۾ بيان ڪئي ويندي آهي، ڇو ته اها انسان جي فطرت جو آواز هوندي آهي. ان جو مخاطب هر هڪ انسان هوندو آهي ۽ فطرت کي هر انسان آساني سان سمجهي سگهي ٿو. وحي جي هدايت جو غرض، اصلاح، سنوارڻ ۽ سڌي راهه ڏيکارڻ هوندو آهي.

خالق ڪائنات جي مشيت اها هوندي آهي ته سندس هدايت کي هر هڪ ماڻهو آساني سان سمجهي.



جيئن هڪ هنڌ ارشاد آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ۭ (الابراهيم 4)

”۽ اسان ڪو به پيغمبر دنيا ۾ نه موڪليو مگر هن طرح جو هو پنهنجي قوم ئي جي زبان ۾ حق جو پيغام پهچائڻ وارو هو. انهيءَ لاءِ ته (سندن ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهه جو) مطلب چٽو ڪري ڏيکاري.“

يعني هرهڪ قوم ڏانهن سندن ئي قوم مان پيغمبر جو اچڻ ۽ انهيءَ قوم جي زبان ۾ وحي جو نازل ٿيڻ، اهو واضح ۽ چٽو دليل آهي ته خدا جي مشيت ۽ رضا هن ڳالهه ۾ آهي ته هر هڪ انسان خدا جي نازل ڪيل هدايت ۽ زندگيءَ جي پيغام کي سمجهي ڪري پڙهي. خدا جي حڪيم ذات پنهنجي حڪمت سان نبوت جو سلسلو نبي ڪريم ﷺ جن سان مڪمل ڪري قرآن کي آخري ڪتاب جو شرف عطا ڪيو.

قرآن حڪيم جيڪو عربي نظم جو اعليٰ ۽ شاهڪار ڪتاب آهي. ان جي نظم ۾ به پنهنجي هڪ ڪشش آهي. ان جي تلاوت جا پنهنجا هڪڙا فائدا آهن. يقينن ان جي تلاوت سان راحت ملي ٿي ۽ برڪت نصيب ٿئي ٿي. پر جيڪو قرآن جو حقيقي مقصد آهي ته ان جي ذريعي شخصن ۽ سماج ۾ تبديلي اچي، ان جو فهم سمجهي پڙهڻ کان سواءِ حاصل نٿو ٿي سگهي.

قرآن ماڻهوءَ جي شخصي صلاحيتن ۽ قوتن جي نشوونما ڪرڻ چاهي ٿو. قرآن چاهي ٿو ته مون کي سمجهي پاڻ ۾ تبديلي پيدا ڪيو. منهنجي فڪر جي سڀنڌ هٻڪار سان پنهنجي شخصيت جي نشوونما ڪري معاشري کي ان جي خوشبو سان مهڪايو.

تنهن ڪري قرآن مجيد جي تلاوت سان گڏ سمجهي ڪري پڙهڻ ضروري ۽ لازمي آهي. رڳو اهو نه ڏسجي ته لفظ ڪهڙا آهن، انهن جون ترڪيبون ڪهڙيون آهن، بلڪ اهو ڏسجي ته قرآن ڇوي ڇا ٿو؟ قرآن اسان کي پيغام ڪهڙو ٿو ڏئي.

قرآن مڪمل انساني فڪر جي اصل الاصول جو ترجمان آهي اهو هر دور ۾ انسان جي رهنمائي ڪري ٿو. پر رڳو ان رهنمائي کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. قرآن کي سمجهڻ کانسواءِ صحيح شخصيت جي تعمير ممڪن ئي ناهي. اهوئي سبب آهي جو اسلام ۾ پنج وقت نماز فرض ڪئي وئي پر ان نماز ۾ قرآن جي تلاوت ان جو رڪن قرار ڏني وئي ته جيئن وري وري تلاوت جو پيغام انسانن تائين پهچندو رهي. ان ڪري تلاوت کانسواءِ نماز ادا ئي نه ٿيندي.

اسان لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته جيئن اسان قرآن کي پڙهون ۽ ٻڌون ٿا، تيئن ان ۾ غور ۽ فڪر به ڪيون. ان جي مطالب ۽ معاني کي حاصل ڪيون. اڄڪلهه اسان رڳو لفظن جا قيدي بڻجي ويا آهيون. نماز ته پڙهون ٿا پر ان جي مقصد کان واقف

ناهيون. نماز ۾ قرآن شريف وڏن قرائتن ۽ لهجن سان ۽ دل وٽندڙ آوازن سان پڙهجي ٿو. پر اهو ڪير ٿي نٿو ڄاڻي ته قرآن ڇوي ڇا ٿو؟ جيڪو پڙهيوسين ۽ ڪنن سان ٻڌوسين ان جو مطلب ڇا آهي. جيڪڏهن صرف نماز ۾ قرآن جو ٻڌڻ مقصد هجي ها ته پوءِ صحيح حالت جو شرط ڇو آهي؟ نشي جي حالت ۾ نماز ڇو نٿي پڙهي سگهجي؟ ان ڪري ته نشي جي ڪري عقل ۽ سمجهه ۾ فتور اچي ويندو آهي. تنهن ڪري نماز جو جيڪو مقصد آهي (قرآن کي سمجهڻ) اهو فوت ٿي ويندو.

ارشاد آهي: حَتّٰى تَعۡلَمُوۡا مَا تَقُوۡلُوۡنَ (النساءِ 43)

”جڏهن ڄاڻو ته ڇا ڇئي رهيا آهيو (ان وقت نماز پڙهو).“

ان جو واضح مطلب هي آهي ته جڏهن توهان جو عقل صحيح ٿي وڃي ۽ توهان ڳالهه ٻڌي ۽ سمجهي سگهو ٿا ته ان وقت نماز پڙهو. پر ان سان گڏ هن ڳالهه جي طرف به باريڪ اشارو آهي ته جيڪا قرآن جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي ان کي سمجهڻ ضروري آهي. تڏهن ئي ته چيو ويو آهي ته چيل ڳالهه کي سمجهڻ جي قابل هجڻ واري حالت ۾ نماز ادا ڪئي وڃي. اچا وڌيڪ غور ڪيو. نماز ۾ سورة فاتحه يا ام الڪتاب جي انتخاب جي حڪمت ڇا آهي؟

سورة فاتحه هر نماز، فرض هجي، واجب، سنت ۽ نفل جيڪا به نماز هجي. صلاة ڪسوف هجي يا خسوف يا عيدن جي نماز مطلب ته هر نماز ۾ فاتحه پڙهڻ ضروري آهي. ان جي حڪمت تي غور ڪيو. ڇو، ڇا لاءِ؟

مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته ”ام الڪتاب پوري قرآن جو اجمالي طورتي تعارف آهي، قرآن جيڪا ڳالهه چوڻ چاهي ٿو اها مختصر ۽ جامع نموني سورة فاتحه ۾ چئي وئي آهي باقي اڳتي ان جو تفصيل آهي. گويا ام الڪتاب هڪ منشور يا ”نصب العين“ آهي جيڪو هر اسلام جي ڪارڪن کي هروقت ورجائڻو پوي ٿو.“

ظاهر آهي ته سورة فاتحه جي منشوري حيثيت صرف لفظن ٻڌڻ سان سمجهه ۾ نه ايندي بلڪ ان کي سمجهڻ سان خبر پوندي ۽ ان جي بار بار جي دهرائڻ سان اهو نصب العين دماغ ۾ ڄمي ويندو. انسان وڏي سوچ سوچڻ شروع ڪندو ۽ ان نصب العين لاءِ هر شي جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندو. نماز جي انهيءَ مقصد کي سامهون رکي ڪري (ته قرآن کي سمجهيو وڃي، ان جي سمجهڻ لاءِ مواقع فراهم ڪيا وڃن.) فقه حنفي جي باني امام ابو حنيفه رحمة الله عليه اها فتويٰ ڏني ته ”جيڪڏهن ڪو عربي نٿو ڄاڻي ته اهو فارسي ۾ تلاوت ڪري نماز ادا ڪري.“

پر ان جو اهو مطلب هرگز اهو ناهي ته ماڻهو ان تي ئي ڪفايت ڪري ۽عربي نه سکي. مطلب ته جيستائين عربي نه سکي سگهيو آهي ايستائين ان کي اجازت آهي.



تنهن ڪري قرآن کي ڇڙو ٻڌڻ يا ان جو ورد ڪرڻ ڪافي نه آهي بلڪ ان کي سمجهي ڪري پڙهڻ ضروري آهي. ان باري ۾ اسان ڪا به خارجي ڳالهه دليل ڪري پيش ڪيون، ان ڪان وڌيڪ بهتر آهي ته خود قرآن مان ان ڳالهه کي ثابت ڪيو وڃي. حقيقت ۾ دنيا ۾ ڪو به ڪتاب نه هوندو جيڪو قرآن ڪان وڌيڪ هن ڳالهه تي زور ڏيندڙ هجي ته قرآن کي سمجهي ڪري پڙهڻ ئي قرآن جو صحيح طورتي حق ادا ڪرڻو آهي. اها دعوت خود قرآن ڏئي ٿو ته قرآن کي سمجهي ڪري پڙهجي. رڳو لفظن جو ورد ۽ وظيفو ڪافي ناهي.

## قرآن جو شاهديون

قرآن ۾ هڪ خاص مادو (ب- ي- ن) جو آيو آهي. جيڪو تقريباً ٻه سو پيرا مختلف شڪلن ۽ صورتن سان استعمال ڪيو ويو آهي. ان ٽن اکرن جي مادي مان ئي لفظ اهڙا نڪرن ٿا جن مان هي ڳالهه چٽي طرح ثابت ٿي وڃي ٿي ته قرآن کي سمجهي ڪري پڙهڻ ضروري آهي. (۽ اهي ٽئي اکر قرآن ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيل آهن، ان مان انهن جي اهميت جو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو.) اهي لفظ آهن. يُبَيِّنُ معنيٰ بلڪل کولي ۽ چٽي طرح بيان ڪرڻ. بينة روشن ۽ چٽو، مبين کوليندڙ، چِٽو ڪندڙ ڪليل ارشاد آهي.

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اَنۡ تَضِلُّوۡا ۚ (النساءِ 176)

”الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ حڪم چٽا ڪري ٿو ڇڏي انهيءَ لاءِ ته گمراه نه ٿيو.“

قَدۡ جَآءَكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ نُوۡرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۵﴾ (المائده -15)

”الله جي طرف کان اوهان وٽ (حق جي) روشني اچي وئي آهي ۽ چٽايون ڪندڙ روشن ڪتاب (قرآن مجيد) اچي چڪو آهي.“

فَقَدۡ جَآءَكُمۡ بَيِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ ۚ (الانعام -157)

”تحقيق توهان ڏي به توهان جي پروردگار وٽان هڪ چٽو دليل ۽ رحمت اچي وئي آهي.“

مٿين ذڪر ڪيل صيغن جي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ غور ڪرڻ سان هيءَ ڳالهه بلڪل آساني سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ته قرآن کي سمجهڻ ضروري آهي. هي ڪتاب ڪليل ۽ واضح هدايت جي روشني آهي. ۽ ظاهر آهي ته اهڙي صاف ۽ چٽي روشني جيڪا دنيا ۾ هر موڙ تي رهنمائي ڪري، ان جي سمجهڻ سان حاصل ٿيندي، رڳو لفظن جي دهرائڻ سان، هرگز حاصل نه ٿي سگهندي. سورة نساءَ واري آيت ۾ بيان ٿيل آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب کي بلڪل کولي ۽ چٽو ڪري پيش ڪيو آهي يعني الله تعاليٰ جي مشيت هيءَ آهي ته هن ڪتاب کي هر هڪ سمجهي ان مان پنهنجي زندگيءَ ۾

رهنمائي ۽ هدايت حاصل ڪري. ان مان سمجهه ۾ آيو ته جيڪو شخص خدا جي ڪتاب ڪي پڙهي ٿو پر سمجهي نٿو اهو خدا جي نافرماني به ڪندڙ آهي.

## الفرقان:

قرآن حڪيم ڪي الله تعاليٰ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪندڙ حق ۽ باطل ڪي ڇٽو ڪري ڏيکاريندڙ بيان ڪيو آهي.

ارشاد آهي:

أُنزِلَ فِيهِ الْقُرْآنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنَاتٍ مِّنَ الْهُدَىٰ وَالْفُرْقَانِ ۚ (بقره- 185)

”ان ۾ ماڻهن جي لاءِ هدايت جي واٽ ڏيکاريل آهي. هدايت جا روشن دليل ڏنل آهن. حق ۽ باطل الڳ الڳ ڪري ڏيکاريل آهن.“

ٻئي هنڌ آهي:

تَبَارَكَ الَّذِي نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلَىٰ عَبْدِهِ لِيَكُونَ لِلْعَالَمِينَ نَذِيرًا ﴿١﴾ (الفرقان 1)

”وڏي برڪت وارو (۽ برڪتون بخشيندڙ) آهي اهو الله جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) تي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ وارو قرآن مجيد نازل ڪيو، هن لاءِ ته جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ ٿئي.“

يعني ڀلائي ۽ برائي، روشني ۽ اونداهي، حق ۽ باطل جي نکيڙ ۽ پرک جو معيار (Criterion) قرآن آهي. ۽ حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا آهي اهو ان کي سمجهڻ سان معلوم ٿيندو نه ڪ رڳو لفظن جي دهرائڻ سان.

## الهدي: (مڪمل رهنمائي ڪندڙ ۽ هدايت ڏيندڙ)

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ (بني اسرائيل 9)

”بيشڪ هي قرآن اها واٽ ڏيکاري ٿو جا سيني کان وڌيڪ سڌي آهي.“

هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنَاتٍ مِّنَ الْهُدَىٰ ﴿١٨٥﴾ (البقره 185)

”ان ۾ ماڻهن لاءِ هدايت جي واٽ ڏيکاريل آهي. هدايت جا روشن دليل ڏنل آهن.“

هي ڪتاب انسانن کي سڌي رستي جي هدايت ڏئي ٿو. ته جيئن اهي پاڻ کي شيطاني قوتن کان محفوظ رکي سگهن. هدايت ۽ رهنمائي به ان کي سمجهڻ سان ئي حاصل ٿيندي آهي.

## احسن الحديث: (بهترين ڪلام يا خوبصورت گفتگوءَ جو نمونو)

اَللَّهُ نَزَّلَ أَحْسَنَ الْحَدِيثِ كِتَابًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ (الزمر 23)

”الله تعاليٰ ڪتاب طور (قرآن مجيد ۾) بهترين ڪلام نازل فرمايو آهي. جنهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي سان نهڪي اچن ٿيون ۽ بار بار (ٻين ٻين لفظن ۽ مثالن سان)



سمجهايون ويون آهن.“

۽ اهڙي طرح قرآن جي هڪ صفت احسن تفسيرا به آئي آهي. احسن تفسيرا، بهترين انداز ۾ ڳالهه چوندڙ، بهترين تفسير.

وَلَا يَأْتُونَكَ بِمَثَلٍ إِلَّا جِئْنَاكَ بِالْحَقِّ وَأَحْسَنَ تَفْسِيرًا ﴿٣٣﴾ (الفرقان 33)

”۽ تو وٽ جيڪي سوال اهي ماڻهو پيش ڪن ٿا تن جو صحيح ۽ سهڻو جواب چڱي سمجهاڻي سان توڏي موڪليندا رهون ٿا.“ قرآن جي ذڪر ڪيل انهن ٻنهي صفتن احسن الحديث ۽ احسن تفسيرا تي غور ڪيو.

احسن الحديث: يعني اهڙو بهترين ڪلام جنهن ۾ ڪو به تضاد ناهي. ۽ هر ڳالهه ڪليل ۽ چٽي طرح بيان ڪيل آهي. ۽ ان سان گڏ صرف بيان ٿيل ناهي بلڪ بار بار بيان ٿيل آهي. ڇو ته هيءَ نصيحت ۽ تذڪير ۽ رهنمائي جو ڪتاب آهي. ڪنهن علم يا فن يا منطق جو ڪتاب ناهي جنهن ۾ ڪو فني طريقو اختيار ڪيو وڃي. جنهن ڪي ان فن جا ڄاڻو ئي سمجهي سگهن. هي ته هدايت جو ڪتاب آهي، جيڪو هر انسان جي رهنمائي ڪرڻ گهري ٿو. تنهن ڪري هن جو اسلوب بيان سادو ۽ طبعي آهي ۽ هن ۾ ڪيتريون ئي نصيحت ۽ هدايت جون ڳالهيون بار بار بيان ڪيون ويون آهن ته جيئن اهي انساني ذهنن ۾ رچي بسي وڃن تنهن ڪري واضح طور بيان ڪرڻ ۽ بار بار بيان ڪرڻ جو مقصد آهي ته هن ڪي هرڪو سمجهي ڪري رهنمائي وٺي.

اهڙي طرح احسن تفسيرا، يعني ڪنهن اعتراض، سوال يا ڪنهن منجهائيندڙ ڳالهه جو جواب سهڻي نموني سان ڏيڻ ۽ اهڙي طريقي سان ڏيڻ ته اها مشڪل حل ٿي وڃي. هيءَ حقيقت قرآن جي تدريجي نزول ڏانهن اشارو ڪندڙ آهي. قرآن کي هڪدم نه نازل ڪيو ويو بلڪ 23 سالن جي عمر ۾ وقفي وقفي سان پيغمبر ﷺ تي نازل ڪيو ويو. هن ڪري ته هن جو مقصد رڳو لفظ ورجائڻ نه آهي. جيڪڏهن صرف لفظ دهرائڻ هجي ها ته پوءِ ايتري وقفي ۾ نازل ڪرڻ جي حڪمت ڇا آهي؟ بلڪ ان جو مقصد رهنمائي ڪرڻ ۽ هدايت ڏيڻ آهي.

تنهن ڪري جڏهن به ڪو شخصي، انفرادي يا اجتماعي واقعو يا حادثو پيش ايندو هو ته ان مطابق قرآن نازل ٿي ڪري ان جو حل ٻڌائيندو هو ته جيئن ماڻهو قرآن جي علم ۽ حڪمت کي سمجهن. ان مان سمجهه ۾ آيو ته خود قرآن جو تدريجي نزول وڏي ۾ وڏو دليل آهي ته قرآن کي رڳو پڙهڻ نه بلڪ سمجهڻ ضروري آهي ۽ اهوئي قرآن جي نزول جو مقصد آهي.

## ذڪر:

اهڙي طرح قرآن جي صفت ”ذڪر“ تي غور ڪيو.

”اسان توهان جي لاءِ هڪڙو ڪتاب نازل ڪيو آهي. ان ۾ توهان جي لاءِ نصيحت آهي.
۽ ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ (القمر 17)

”۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجھڻ لاءِ ۽ (ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي.“

ذڪر: جي هڪ معنيٰ نصيحت آهي، هي قرآن نصيحت آهي. نصيحت چئبو آهي اهڙي چيل ڳالهه جيڪا مثبت نتيجا ڏيندڙ هجي. صحيح خطوط تي تعمير ڪندڙ هجي ۽ گڏوگڏ ان ۾ شفقت ۽ نرمي ۽ محبت جي صفت به لڌي وڃي. يعني قرآن اسان جي صحيح خطوط تي رهنمائي ڪري ٿو. پر اها اهڙي رهنمائي ناهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي مشقتن ۽ تڪليفن جا جهنگل پار ڪرڻا پون. هيءَ ته رحمت ڀريو ڪتاب آهي يعني هي ته اهڙو چئو، ڪليل ۽ بار بار دهرايل ڳالهين وارو ڪتاب آهي جنهن مان نصيحت حاصل ڪرڻ بلڪل آسان آهي. پر رڳو شرط هي آهي ته ان کي سمجھڻ جي زحمت ڪجي. ان ۾ غور ۽ فڪر ۽ تعقل و تدبر ڪجي.

اهڙي طرح ذڪر جي ٻي معنيٰ (ياد ڏيارڻ آهي) يعني قرآن انسان کي سندس وساريل عهد اقرار ۽ تعليم ياد ڏياري ٿو. اها آهي فطري تعليم ۽ فطري تعليم کي سمجھڻ سولو آهي پر شرط هي آهي ته پاڻ کي ماحول جي آلودگيءَ ۽ مصنوعي پردن جي ڇار مان آجو ڪجي ۽ سورة قمر جي آيت ۾ آهي ته نصيحت لاءِ هي آسان ڪتاب آهي. ان ۾ اشارو آهي ته هر هڪ ان کي سمجھي سگھي ٿو ۽ هر هڪ کي سمجھڻ گھرجي، اهو تصور غلط آهي ته چند ماڻهو ئي جيڪي وڏا بحر ۽ مهر هجن اهي ئي ان کي سمجھي سگھن ٿا.

هڪ هنڌ آيو آهي: زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا (ايمان ۾ واڌارو آڻيندڙ) (الانفال 2)

”۽ جڏهن سندس آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن سندن ايمان کي وڌيڪ پڪو ڪري ٿيون ڇڏن.“

يعني قرآن مؤمن جي ايمان کي پختو ڪري ٿو. ان مؤمن جو يقين ۽ ڀروسو خدا تي وڌندو وڃي ٿو. جيڪو تقويٰ کي جنم ڏئي ٿو. ۽ آخر ۾ اهو ٻين سمورن جي خوفن کان ڪٽجي هڪ الله جي خوف ۾ اچي وڃي ٿو. اها ڪيفيت حقيقت جي شناخت ڪرائي ٿي. ماڻهو هر شيءِ کي ان جي اصلي روپ ۾ ڏسي ٿو. پر اهو اضافو ڇا صرف لفظن جي ٻڌڻ سان ٿئي ٿو. جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ منافقن جي ايمان ۾ اضافو ڇو نه ٿيو؟ يا اسان رمضان ۾ ٽي ٽي، چار چار ختما پڙهئون ۽ ٻڌئون ٿا پر اسان ۾ اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي. اهو اضافو قرآن کي سمجھي ڪري پڙهڻ سان ئي ٿئي ٿو. جڏهن هڪ آيت پڙهي ۽ سمجھي ۽ پريڪٽيڪل لائيف ۾ ان کي عملي طور اختيار ڪري مطلوب نتيجو حاصل ڪري ونبو ته هاڻي ايمان ۾ پختگي ۽ يقين ۾



واڌارو اچي ويندو. پوءِ اهو يقين ۾ واڌارو ائين درجي بدرجي وڌندو ويندو ۽ ماڻهو منزلون طئي ڪري وڃي مقصد کي پهچندو. هتي چند قرآن جي صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي نه ته اڪثر صفتن مان اها ڳالهه چٽي طرح نڪري ٿي ته قرآن کي سمجھي ڪري پڙهڻ لازمي آهي، اها ڳالهه خود قرآن چوي ٿو.

پنهنجي صلاحيتن کي قرآن جي سمجھڻ لاءِ استعمال نه ڪرڻ خدا جي عطا ڪيل نعمتن (صلاحيتن) جي ناشڪري آهي. قرآن مجيد الله تعاليٰ جي طرفان انسايت لاءِ آخري هدايت جو پيغام آهي ۽ حق ۽ باطل جو آخري معيار. قرآن جي ذريعي ئي حق ۽ باطل جي نکيڙ ٿئي ٿي. انسان پاڻ کي اونداهي مان ڪڍي روشنيءَ واري رستي تي آڻي سگھي ٿو.

سورة ابراهيم آيت 1 ۾ آهي:

الٓرٰ ۚ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۙ ﴿١﴾

”الر. هي هڪ ڪتاب آهي جنهن کي اسان توڏي هن لاءِ نازل ڪيو آهي. ته تون ماڻهن کي سندن پروردگار جي حڪم سان اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ۾ (اُن) زبردست (۽) ساراهيل الله جي رستي تي آڻين.“

ضلالت ۽ گمراهي کان بچي ڪري سڌي ۽ حق جي واٽ تي هلڻ لاءِ قرآن کي پڪڙڻ ۽ وٺڻ ضروري آهي. پنهنجي مقصد جي تڪميل قرآن کان سواءِ ممڪن ناهي. دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جو دارومدار قرآن تي ئي آهي. الله جو وڏو تورو ۽ احسان آهي پنهنجن ٻانهن تي ته خلقيندڙ اسان کي قرآن عطا ڪيو، جيڪو اسان جي ڪاميابيءَ جو ضامن آهي. بي شڪ قرآن مجيد مسلمانن لاءِ سڀ کان وڌيڪ ۽ وڏو قيمتي سرمايو آهي.

سورة يونس آيت 57 ۾ آيو آهي:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِى الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾

”اي انسانو! توهان ڏي توهان جي پروردگار وٽان هڪ اهڙي شيءِ آئي آهي جا (وڏي فائدي واري) نصيحت آهي. دل جي سيني بيمارين لاءِ شفا آهي. ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ان قرآن تي ايمان ۽ يقين رکن ٿا.“

هي وڏو انمول خدا ئي عطيو آهي. اسان جي لاءِ بي ڪنار رحمت جو سمنڊ آهي. اسان جي سيني مسئلن ۽ مشڪلن جو حل آهي. خدا تعاليٰ جي رحمت جي ته ڪا حد ئي نه آهي جو مالڪ نه رڳو اسان کي اهڙو قيمتي قرآن عطا ڪيو پر اسان کي اک، ڪن، دل ۽ عقل ڇهين حس جهڙيون قوتون عطا ڪيون ته جيئن ان قرآن کي ڏسي، ٻڌي ۽ سمجھي سگھون ۽ ان جي رهنمائي ۾ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي حاصل ڪيون.

الله تعاليٰ جي انهن نعمتن جو حقيقي شڪرانو هي آهي ته اسين انهن قوتن کي

قرآن جي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيون. اسان کي گهرجي ته پنهنجون توانائيون قرآن جي سمجهڻ تي لڳائي ڇڏيون قرآن هڪ وڏي نعمت آهي ۽ بي شڪ ان نعمت جي باري ۾ اسان کان سخت جوابدگي ڪئي ويندي.

سوة زخرف آيت 44 ۾ آهي

وَاِنَّهٗ لَذِكۡرٌ لَّكَ وَلِقَوۡمِكَ ۚ وَسَوۡفَ تُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿۴۴﴾

”۽ يقيناً هي (قرآن) تنهنجي ۽ تنهنجي قوم جي ماڻهن لاءِ (صحيح) پيغام ۽ نصيحت آهي ۽ جلد اوهان کان پڇاڻو ٿيندو.“

تنهن ڪري جيڪي ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي قرآن جي سمجهڻ لاءِ استعمال نٿا ڪن، انهن کان ان بابت پڇا ڪئي ويندي. اهڙي طرح هي به پڇا ڪئي ويندي ته توهان سمجهڻ کان پوءِ ٻين انسانن تائين ڪيترو ان پيغام کي پهچايو.

سوره الملڪ آيت 23 ۾ ارشاد آهي:

قُلۡ هُوَالَّذِىۡۤ اَنۡشَاَكُمۡ وَجَعَلَ لَـكُمُ السَّمۡعَ وَالۡاَبۡصَارَ وَالۡاَفۡـِٕدَةَ ‌ؕ قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۲۳﴾

”(اي پيغمبر!) چئو ته هو اهو آهي جنهن اوهان کي (انسان ڪري) پيدا ڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بنايون (جن سان اوهان ان جي آيتن کي ٻڌي، ان جي تخليق کي ڏسي ۽ ان جي مثالن کي سمجهي سگهو ليڪن) اوهين تمام ٿورڙا شڪريو ادا ڪيو ٿا.“

هن آيت جي منڍ ۾ لفظ ”قل“ آيو آهي. هي لفظ جتي به قرآن ۾ استعمال ٿيندو آهي اتي ڪنهن خاص ۽ اهم ڳالهه ڏانهن متنبه ڪرڻ مقصد هوندو آهي. ذهنن کي ان ڳالهه ڏانهن متوجو ڪرڻ مطلوب هوندو آهي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ هي پيغام ڏئي ٿو ته پالڻهار جي هن احسان ۽ رحمت کي نٿا ڏسوجو توهان کي اهڙيون بي بها قوتون عطا ڪيون آهن پر توهان مان ٿورڙا شڪريو ادا ڪن ٿا. يعني انهن قوتن کي صحيح استعمال ڪن ٿا. انهن قوتن جو صحيح استعمال هي آهي ته انهن کي قرآن جي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو قرآن بار بار چوي ٿو ته ڏسو نٿا، سمجهو نٿا، عقل کان ڪم ڇو نٿا وٺو. ”افلاتعقلون“ هن قرآن جي نصيحتن ۾ غور ۽ فڪر ڇو نه ٿا ڪيو، عقل ڇو نٿا هلايو. پر گهڻا ماڻهو انهن قوتن کي صحيح استعمال نٿا ڪن. اهي حقيقت ۾ خداجي نعمتن جي ناشڪري جا مرتڪب بڻجن ٿا. جيڪو ماڻهو قرآن کي سمجهڻ لاءِ عقل نٿو استعمال ڪري ان لاءِ قرآن ۾ فرمايو ويو:

وَمَا كَانَ لِنَفۡسٍ اَنۡ تُؤۡمِنَ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ‌ ؕ وَيَجۡعَلُ الرِّجۡسَ عَلَى الَّذِيۡنَ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ (يونس 100)

”الله جو قانون هي آهي ته الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي (محرومي ۽ بدبختي) جي گندگيءَ ۾ ڇڏي ٿو ڏئي جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن.“

يعني جيڪي قرآن مجيد ۾ سوچ ويچار نٿا ڪن. عقل کان ڪم نٿا وٺن الله تعاليٰ انهن کي ضلالت ۽ گمراهيءَ جي اونداهين ۾ ڏڪاري ٿو ڇڏي. پوءِ اهو شخص



وڃي ٿو گمراهيءَ جي اونداهين ۾ گهرندو. هڪ هنڌ ارشاد آهي:

ظُلُمٰتٌۢ بَعۡضُهَا فَوۡقَ بَعۡضٍ‌ ؕ (النور-40)

”تهه به تهه رڳو اونداهيون ئي اونداهيون آهن.“

ڇو ته خدا جو قانون هي آهي ته جيڪو نعمت جو شڪرانو ادا ڪندو (ان کي صحيح موقعي ۽ محل ۾ استعمال ڪندو) ته ان جي نعمت ۾ اضافو عطا ڪيو ويندو. پر جيڪو ناشڪري ڪندو، ان کي غلط طريقي سان استعمال ڪندو ان تي نعمت جا دروازا ويندا. تنگ ٿيندا پوءِ ويندو گمراهي ۾ گهرندو.

لَٮِٕنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّـكُمۡ‌ وَلَٮِٕنۡ كَفَرۡتُمۡ اِنَّ عَذَابِىۡ لَشَدِيۡدٌ ﴿۷﴾ (الابراهيم-7)

دوستو! جيڪي ماڻهو انهن قوتن کي قرآن جي سمجهڻ لاءِ استعمال نٿا ڪن، نتيجي ۾ انهن جون قوتون سن ٿي وڃن ٿيون. پوءِ ماڻهو اک، ڪن، دل ۽ عقل هوندي به انڌو آهي. ڇو ته جيڪو انهن صلاحيتن کي صحيح محل ۾ استعمال نٿو ڪري، ان کي ان جي ناشڪريءَ جو عذاب ڀوڳڻو ٿو پوي. ۽ اهو عذاب هي آهي ته انهن قوتن جي طبعي صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي.

ان کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي.

اُولٰٓٮِٕكَ كَالۡاَنۡعَامِ بَلۡ هُمۡ اَضَلُّ‌ ؕ (الاعراف 179)

(هنن کي عقل آهي مگر ان کان سمجهڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي اکيون آهن پر انهن کان ڏسڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي ڪن آهن پر انهن کا ٻڌڻ جو ڪم نٿا وٺن هو، اهي عقل ۽ حواسن جو استعمال وڃائي) ”چوپاين جانورن جهڙا ٿي ويا، بلڪ انهن کان به وڌيڪ.“

يعني جيڪي قرآن کي سمجهي نٿا پڙهن، پنهنجن توانائن کي ان تي صرف نٿا ڪن انهن جي عقل دلين، اکين ۽ ڪنن تي پردا وڌا ٿا وڃن. اڳتي هلي اهي جانورن کان به بدترين ٿي وڃن ٿا. يعني انهن ۾ ڪا به سمجهه نٿي رهي، پنهنجي زندگيءَ جي مقصد جي خبر ڪانه ٿي پوين ته هو ڪير آهن، ڇو پيدا ڪيا ويا آهن ۽ سندن منزل ڇا آهي. حق ۽ باطل جي خبر ڪانه، بلڪ اهو به وساري ٿا ڇڏن ته اهي ڪي انسان آهن.

نَسُوا اللّٰهَ فَاَنۡسٰٮهُمۡ اَنۡفُسَهُمۡ‌ ؕ (سورت الحشر-19)

”انهن جو الله کي وساري ڇڏو ته الله به انهن کان پاڻ وسارائي ڇڏيو.“

تنهن ڪري دوستو! قرآن جي لفظن کي رڳو نه دهرايو بلڪ ان کي سمجهي ڪري پڙهو، ان ۾ غور ۽ فڪر ڪري پنهنجي زندگي سنواريو. قرآن کي سمجهي ڪري ان تي عمل ڪريو. بيشڪ اسان کي پنهنجي پالڻهار جي آڏو جوابده ٿيڻو آهي. پنهنجي ذميواري جي احساس کي زنده رکندي اڄ ئي آغاز ڪري ڇڏي. نه ته ائين نه ٿئي جو اسان جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿئي جن جي باري ۾ قرآن هيئن ٿو چوي:

تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الۡغَيۡظِ‌ ؕ كُلَّمَاۤ اُلۡقِىَ فِيۡهَا فَوۡجٌ سَاَلَهُمۡ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَذِيۡرٌ ﴿۸﴾ قَالُوۡا بَلٰى قَدۡ جَآءَنَا

نَذِيۡرٌ ۙ فَكَذَّبۡنَا وَقُلۡنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ ۖۚ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا فِىۡ ضَلٰلٍ كَبِيۡرٍ ۝ وَقَالُوۡا لَوۡ كُنَّا نَسۡمَعُ اَوۡ نَعۡقِلُ مَا كُنَّا فِىۡۤ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ ۝ (سورت ملڪ 8-10)

”جڏهن به ان ۾ ڪنهن ٽوليءَ کي اڇلايو ويندو ته ان جا داروغا ڪائڻن پڇندا ته ڇا اوهان وٽ ڪو ڊيڄارڻ وارو نه آيو ڇا؟ اهي چوندا ته چو نه. بيشڪ اسان وٽ (ڊيڄارڻ وارو (الله جو پيغام ڏيندڙ) آيو هو. پوءِ اسان (ان کي) ڪوڙو ڪيو. ۽ چيوسون ته الله ڪا به شيءِ نازل نه ڪئي آهي. بيشڪ توهان وڏي گمراهي ۾ آهيو. ۽ چوندا (ته اسان عقل ۽ فڪر کان ڪم ئي نه ورتو. رڳو ضد ۽ انڌي تقليد ۾ انهن جي مخالفت ڪئي) اسين هيڪر انهن کي ٻڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخين (جي جماعت) ۾ (ڪڏهن به داخل ) نه ٿيون ها.“ پنهنجي انجام ۽ پڇاڙي کان ڊڄو. قرآن کي سمجهو. پوءِ ائين نه چوڻو پوي ته ڪاش جيڪر سمجهون ها ته اڄ قيامت جي ڏينهن ائين نه هجون ها. هڪ ٻئي هنڌ ارشاد آهي: (النمل 83-84)

وَيَوۡمَ نَحۡشُرُ مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍ فَوۡجًا مِّمَّنۡ يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمۡ يُوۡزَعُوۡنَ ۝
حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوۡ قَالَ اَكَذَّبۡتُمۡ بِاٰيٰتِىۡ وَلَمۡ تُحِيۡطُوۡا بِهَا عِلۡمًا اَمَّاذَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ۝

”۽ هڪڙي ڏينهن اسان هر هڪ قوم مان انهيءَ ٽولي کي هڪ هنڌ گڏ ڪنداسين جيڪي اسا نجي آيتن ۽ حڪمن کي نه مڃيندا هئا ۽ انهن کي صفن ۾ ڪڙو ڪيو ويندو. تانجو جڏهن اهي (منڪر، خدا جي دربار ۾) اچي ويندا تڏهن خدا انهن کان پڇندو ته ڇا توهان منهنجون آيتون ۽ حڪم رد ڪري ڇڏيا هئا توڙي جو توهان انهن حڪمن بابت علم ۽ سمجهه ڪم به نه آندي؟ جي ائين ناهي ته پلا ٻڌايو ته توهان ڇا ڪندا رهيؤ (ڪو عذر يا بهانو اٿو؟ بلڪل نه.)

هنن آيتن مان هي حقيقت چٽي طرح پڌري ٿئي ٿي ته قرآن ۾ غور ۽ فڪر نه ڪرڻ، پنهنجي عقل ۽ فهم کان ڪم نه وٺڻ جو انجام خراب آهي پوءِ ماڻهو چوندو ته جيڪر عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺان ها. يٰحَسۡرَةً عَلَى الۡعِبَادِ ۚ (يٰس:30)

## قرآن ۾ تدبر ڪرڻ ضروري آهي

اڄ اسان جو ڪهڙو حال آهي. ڇا اسان پنهنجن سوچڻ جي قوتن کي قرآن جي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيون ٿا. اڄ اسان ۽ توهان پنهنجي معاشري جي رجحانن جو مشاهدو ڪيون ته هتي جيڪڏهن ڪا شيءِ نٿي سمجهي وڃي ته اهو آهي قرآن. اسان ٻين مذهبي رسمن تي تمام وڏو زور ڏئي رهيا آهيون اهڙي طرح ماڻهو، صرف، نحو، منطق، فزڪس، بائيولاجي وغيره تي وڏيون محنتون ۽ ڪوششون ڪري رهيو آهي پر قرآن کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهي.

وري جيڪي ڪجهه مذهبي ماڻهو آهن اهي صرف، نحو، منطق،فصاحت، بلاغت ۽ ادب تي ته تمام وڏو زور ڏين ٿا. ڏهن ڏهن سال پنهنجي هنن فنن جي دقيق ۽



فني مسئلن ۾ صرف ڪري ٿا ڇڏن، پر قرآن کي سمجهڻ لاءِ روزانو 15 منٽ به نٿا ڏين. حالانڪ اهي علم به حقيقت قرآن کي سمجهڻ جو هڪ ذريعو ۽ وسيلو آهن، جن کي پڙهڻ جو مقصد هوندو آهي ته جيئن قرآن کي سمجهڻ جو استعداد پيدا ٿئي. پر ان استعداد حاصل ڪرڻ کانپوءِ جيڪو اصل ڪم قرآن کي سمجهڻ جو آهي سو ٿئي ئي نٿو. شاهه ولي الله رحمة الله عليه لکن ٿا ته ”اهي علم جيڪي قرآن جي سمجهڻ لاءِ مقدمي جي حيثيت رکن ٿا انهن کي ضروري پٽاندڙ سمجهڻ کپي.“ انهن علمن کي ئي مقصد سمجهي مقصدن کي پوئتي ڪرڻ، پنهنجي مقصد کي وڃائڻ آهي. اهو ظلم آهي. جو ته اهو شين کي غلط ترتيب سان سرانجام ڏيڻ آهي ۽ ظلم جي معنيٰ آهي وضع الشيءِ في غير محله-

قرائت ۽ تلاوت جون وڏيون محفلون سجايون وڃن ٿيون پر قرآن جي اندر رکيل ڇا آهي ان جي جاچڻ جي تڪليف نٿي ڪئي وڃي. قرآن هڪ هدايت جو سرچشمو نه بلڪ برڪت وارو هڪ ڪتاب بڻجي چڪو آهي. اسان جي سوچ ۽ عملي طريقو هي آهي ته بيشڪ قرآن اسان جا مسئلا حل ڪري ٿو پر رڳو هن حدتائين ته ڪنهن بيمار کي قرآن جي آيت ڦيٽو چنبو ڪري ان کي آرام ڏجي. ڪنهن چوري يا جانور جي ڪاهي وڃڻ تي قرآن کي ڦيرو ڏيارجي. خانداني، قبيلائي جهيڙن ۾ قرآن کي ”فيصل“ مقرر ڪجي. شين ڏيڻ وٺڻ ۾ قرآن رکجي، ميت جي ايصال ثواب لاءِ چاليهن قدمن تائين قرآن کي گڏ هلائجي. هاڻي جڏهن حشر اهو آهي ته پوءِ گمراهي ۽ عذابن جي ڪڏن ۾ نه پونداسين ته ٻيو ڇا ٿيندو.

اسان جو سماج سڌري چو نه ٿو. اسا ن جو اخلاق چو ڪرندو وڃي ٿو. اسان جي معاشري ۾ بي چيني ۽ بي انصافي چو وڌندي وڃي ٿي. هڪ طرف مسجدون ته ڏينهون ڏينهن پربيون وڃن ٿيون، نمازن ۾ هزارين ماڻهو اچن ٿا. هر سال هزارين بلڪ لکن جي تعداد ۾ قرآن جا نسخا شايع ٿين ٿا. گهرن، مسجدن، منبرن ۽ محرابن ۾ ان جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي. پر پوءِ به اسان جي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي پستي ۽ زوال ڏانهن چو وڃي رهي آهي. ان جو رڳو هڪ ئي سبب آهي ته اسان قرآن کي سمجهي ڪري نٿا پڙهون. قرآن ۾ غور ۽ فڪر نٿا ڪيون.

اڄ قرآن اسان جي زبانن تي ته آهي پر اهو اسان جي حلق کان هيٺ نٿو لهي. ان جي روشني اسان جي دلين تائين نٿي پهچي. قرآن ته بار بار چوي ٿو ته هيءُ ڪاميابيءَ جو رستو آهي ۽ هن مان ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي سمجهي ڪري پڙهڻ گهرجي. هن ۾ غور ۽ فڪر ڪجي، هن هنڌ اچي ٿو.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوۡنَ الۡقُرۡاٰنَ اَمۡ عَلٰى قُلُوۡبٍ اَقۡفَالُهَا ۝ (محمد-24)

”قرآن ۾ غور ۽ فڪر چو نٿا ڪريو، ڇا دلين تي تالا لڳل اٿو ڇا؟“

هي هڪ تاڪيدي جملو آهي ته قرآن ۾ غور ۽ فڪر ڪريو، ڪهڙا تالا لڳل اٿو

جو قرآن کي نٿا سمجهو.

قرآن جي پهرئين مخاطبن صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين جو اهو طريقو نہ هوندو هو تہ اهي رڳو تلاوت ڪندا بلڪ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم تہ قرآن کي سمجهي ڪري پڙهندا هئا. حضرت عبدالله بن مسعود رضہ جو قول آهي تہ اسا ن جيستائين قرآن جي هڪ حصي کي سمجهندا نہ هئاسون تيستائين اڳتي نہ وڌندا هئاسون.

يعني رڳو قرآن جي تلاوت مقصد نہ آهي بلڪ قرآن کي سمجهڻ مقصد آهي. ڪيترن اصحابن تہ سورة بقره کي سمجهڻ ۾ اٺ سال لڳائي ڇڏيا. اهو هو انهن انسانن جو طريقو جن قرآن جي تعليم تي عمل ڪري ڏيکاريو. ان طريقي سان ئي انهن هڪ اهڙو سماج قائم ڪري ڏيکاريو جو انساني تاريخ ۾ اڄ تائين اهو آئيڊيل جي حيثيت سان مڃيل آهي.

## قرآن کي سمجهڻ کان ڪهڙي شيءِ مانع آهي

ائين چو آهي جو ماڻهو قرآن جي سمجهڻ کي ضروري نٿا سمجهن. هونئن تہ ڪٿي ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، پر ان جو وڏي ۾ وڏو سبب اسان جي مذهبي طبقي جو ذهني رجحان ۽ عملي طريقي ڪار آهي. اسان جو مذهبي طبقو تہ ماڻهن کي قرآن شريف جي ترجمي پڙهڻ جي بہ اجازت نٿو ڏئي. عام ماڻهن کي چيو وڃي ٿو تہ توهان قرآن مان هدايت ۽ رهنمائي حاصل نٿا ڪري سگهو. توهان کي ڪوبہ مسئلو يا واقعو پيش اچي تہ اسان کان پڇو. باقي توهان قرآن کي سمجهي نٿا سگهون. ان کي سمجهڻ لاءِ سٽن يا سورهن علمن جي ضرورت آهي جن کان توهان بلڪل اڻواقف آهيو. ٻيو وري ان سان گڏ اها فتوي بہ ڏني وڃي ٿي تہ قرآن جي تلاوت ڪافي آهي. ان سان قرآن جو حق ادا ٿي وڃي ٿو. تنهن ڪري اڪثر ماڻهو قرآن کي سمجهڻ جي ضرورت ئي نٿا سمجهن. رڳو تلاوت ۽ ورد وظيفن کي سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا. ان ۾ هڪ قصور تہ انهن ماڻهن جو پنهنجو بہ آهي جو پنهنجي عالمن ۽ پيرن کي معتبرائپ جي اهڙي حيثيت ڏئي اٿن جو جنهن کي اهي حلال بڻائڻ، اهو هنن لاءِ حلال ۽ جنهن کي اهي حرام بڻائن اهو هنن لاءِ حرام. اهو خدائي هدايت جي حقن تي ڌاڙو آهي. رب شل پناهہ ۾ رکي. انهن پنهنجي مشائخن کي عالمن کي ايئن ڪري ورتو آهي. جو قرآن چواٽي خدا ڪان سواءِ رب ڪري ورتو اٿن.

اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ (التوبہ-31)

عام ماڻهن کي جيئن انهن پيرن ۽ مرشدن جي طرفان چيو ٿو وڃي تئين ئي ڪن ٿا. ٻيو قصور اسان جي مذهبي طبقي جو آهي. جو قرآن کي سمجهڻ لاءِ اهڙا تہ ڪڙا ۽ ڏکيا شرط وڌا آهن جو ماڻهو چوندو تہ بابا اتان پڇي پاسو ڪر تہ ان ۾ عافيت آهي. جيڪي انسان قرآن جي چٽي ۽ ڪليل هجڻ جي باوجود قرآن کي سمجهڻ کان



روڪن ٿا، انهن کي قرآن جي هن آيت جي وعيد کي ڏسڻ گهرجي.

”جيڪي ماڻهو (ڪنهن نقصان يا تڪليف جي آيت خوف کان يا ڪنهن لالچ سبب) اسان جي نازل ڪيل سچائي جي روشن دليلن ۽ هدايتن کي لڪائن ٿا جيتوڻيڪ اسان انهن کي انسانن لاءِ ڪتاب ۾ چڱي طرح بيان ڪيو آهي، تن تي يقيناً الله تعاليٰ لعنت ڪري ٿو. (اهي رحمت کان محروم رهجي وڃن ٿا) ۽ لعنت ڪرڻ وارا بہ هنن تي لعنت ٿا ڪن.“

اسان کي ان انجام کان ڊڄڻ گهرجي. خدا جي روشن آيتن کي لڪائڻ نہ گهرجي، خدا جي رستي کان ماڻهن کي پري ڪرڻ خدا جي آيتن کي لڪائڻ آهي. روشن ۽ چٽين آيتن جي باري ۾ ڏکيا ۽ ڪڙا شرط رکي ڪري انهن کي لڪائڻ آهي.

اهڙن انسان لاءِ هڪ هنڌ هي ارشاد آهي:

”۽ بيشڪ اهڙا (برغلائيندڙ ساٿي) هنن کي (الله تعاليٰ جي) واٽ کان روڪي ٿا ڇڏين. پر هو سمجهن ٿا تہ يقيناً هو سڌيءَ راهہ تي هلندڙ آهن.“

هن معاشري ۾ بہ ڪيترن ئي مذهبي طبقن جو اهوئي حال آهي. اهي پاڻ تہ قرآن کان روڪن ٿا پر سمجهن اهو ٿا تہ اهي قرآن جي حفاظت ڪري رهيا آهن. اهي چون ٿا تہ قرآن وڏي عظمت ۽ مان وارو ڪتاب آهي، ان کي هر ڪوئي غريب غربو سمجهي نٿو سگهي. حيرت وري انهيءَ تي آهي تہ اهي ماڻهو غلط راهہ تي هجڻ جي باوجود هميشہ پاڻ کي حق سمجهندا وتندا ۽ فتوائون ڪيسي ۾ رکي ٻين کي ديني دهشتگرديءَ جو شڪار پيا بڻائيندا وتندا.

پلا ان تي غور تہ ڪريو تہ ان رويي ۽ رجحان جو بنيادي ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ جيتري حدتائين اسان ان جو مقصد سمجهيو آهي تہ ان جو بنيادي ڪارڻ پنهنجي گروهي مفادن کي تحفظ ڏيڻ آهي. جنهن ۾ پنهنجي ذاتي مفادن جي حيثيت اڳيان هوندي آهي. اسان جو مذهبي طبقو علمي استحصال جي مرض ۾ مبتلا آهي. اهو علم تي قبضو ڪري ٻين ماڻهن جي علم جو استحصال ڪري ٿو. اهو نٿو چاهي تہ هر هڪ ماڻهو قرآن کي سمجهي ڪري پنهنجي شخصيت جي تعمير ڪري، ڇو تہ جيڪڏهن ماڻهو پاڻ ائين ڪندا تہ پوءِ مذهبي طبقي ڏانهن رجوع گهٽ ٿي ويندو. مذهبي طبقي جي مروج اها حيثيت ۽ صورت ختم ٿي ويندي جيڪا انهن جي لاءِ معاشي ذريعو بڻيل آهي. پنهنجي معاشي مفادن جي ڪري انسان الله جي آيتن کي وڪرو ڪندا آهن. الله جي آيتن کي مٽائيندا آهن، قرآن ۾ انهيءَ جو عنديو باقائدي ڏنو ويو آهي.

وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا

”نہ وڪڻو منهنجي آيتن کي خسيس قيمت تي (دنيائي خسيس فائدن لاءِ)“

انهن کي پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استعمال نہ ڪيو. قرآن جي تعليم کي تہ عام

ڪرڻ گهرجي، هر هڪ لاءِ مواقعا ۽ مناسب ماحول پيدا ڪيو وڃي. اسان کي پنهنجي خالق جي مشيت جي تقاضائن سان هم آهنگ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان علمي استحصال ڪيوسين ته ڇا اسان هن آيت جي وعيد جي مصداق نظر نٿا اچون.

”جيڪي ماڻهو انهن حڪمن کي لڪائين ٿا جي الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪيا آهن ۽ انهيءَ حق کي لڪائڻ جي عيوض ۾ دنيا جا خسيس فائدا خريد ٿا ڪن اهي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿا وجهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ انهن سان ڳالهائيندو به ڪين، نڪي هنن کي گناهن کان آجو ڪندو. هنن کي سخت عذاب ۾ وڌو ويندو. اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت وڪٽي گمراهي خريد ڪئي ۽ خدائي بخشش جي بدلي ۾ عذاب خريد ڪيو. ڪهڙو نه عجيب آهي جو باهه ۾ ٽپي پوڻ جي دليري ٿا ڏيکارين جو عذاب سهڻ جو حوصلو ٿا سنيارين. (البقره 174-175)

الله جي آيتن کي لڪائن ٿا، يعني عوام کي ان جي ڪتاب ڏي اچڻ ئي نٿا ڏين. هڪ آيت ۾ ان جو سبب به ٻڌايو ويو آهي. ان آيت ۾ واقعي طور بيان يهودن ۽ عيسائين جي باري ۾ آهي پر قرآن هڪ اهڙي ساهمي آهي جنهن ۾ هو يهودين ۽ عيسائين کي به توري ٿو ۽ پنهنجي مجيندڙن کي به توري ٿو. ان جو حڪم عام آهي.

”اي مؤمنو! ياد رکو ته (يهودين ۽ عيسائين جي) عالمن ۽ درويشن ۾ هڪ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي ماڻهن جو مال ناحق ناجائز طور کائن ٿا ۽ الله جي راهه کان انهن کي روڪين ٿا.“

يعني پنهنجي معاشي فائدن جي ڪري الله جي عطا ڪيل وحي جي هدايت تي پنهنجي اجاره داري قائم ڪري ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪن ٿا. ان جي ڪتاب ڏانهن اچڻ نٿا ڏين.

تنهن ڪري اڄ جي دور ۾ مسلمان باقي انسانيت کي هدايت جي طرف وٺي اچڻ واسطي دعوتي ۽ اصلاحي پروگرام لاءِ قرآن کي معيار بنائڻ ۾ ته ناڪام رهيا آهن، پر پنهنجي مسلمانن جي اخلاقي تعمير ۽ معاملات سڌارڻ لاءِ به قرآن جي شاهڪار رهبري ۽ هدايت واري پيغام کي استعمال نه ڪري سگهيا آهن. ان جي جاءِ تي قرآن کي هڪ اهڙو گروهي ڪتاب بڻايو ويو آهي. جنهن سان هر هڪ گروه کي پنهنجي وڏن کان جيڪو ڪجهه ورثي ۾ مليو آهي ان کي اهو چڪي تاڻي قرآن مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. بلڪ ان کي عين قرآن وانگي سمجهي پاڻ کي حق جو پرچارڪ جاڻي ٿو ۽ ٻين جي تڪذيب ڪري ٿو. وري عجب ته هي آهي جو هر هڪ فرقي ۽ ٽولي ۾ وري چند ماڻهو ئي قرآن کي سمجهندڙ ٿين ٿا، باقن کي انهن جي پيروي ڪرڻي پوي ٿي. ۽ انهن جي باري ۾ اهو تصور ڪيو وڃي ٿو ته اهي قرآن کي براه راست سمجهي نٿا سگهن ۽ نه ئي وري انهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.



بلڪ هيءَ جو قرآن جا ماهر وينا آهن اهي مسئلا حل ڪري ڏيندا. نتيجي طور قرآن جي عالمگير هدايت جيئن پوءِ ٿئين وڃي ٿي تنگ ۽ محدود ٿيندي ۽ مصنوعي حدن ۾ جڪڙبي.

## آخري رستو قرآن ئي آهي

قرآن جي باري ۾ اهو تصور ته ان کي ڪجهه ماڻهو سمجهي سگهن ٿا، باقي عام ماڻهو ان کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪن، اهو هندو عقيدي وانگر آهي. جيئن هندن ۾ هي عقيدو آهي ته ذات مطلق جي پرستش چند ماڻهو ڪري سگهن ٿا. باقي عام ماڻهو کي هنن بتن جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. اهي ان قابل ناهن ته اهي ذات مطلق تائين پهچي سگهن. اهو تصور باطل ۽ غلط آهي. اهو عالمگير سچائي کي قيد ڪرڻ آهي.

تنهن ڪري دوستو! اهڙن باطل ۽ مصنوعي خيالن جي قيد مان پاڻ کي آزاد ڪري قرآن ڏي اچو. پنهنجي شخصيت جي تعمير پاڻ قرآن مان ڪيو. قرآن کي اختيار ڪرڻ سان ئي اسان ٽولن ۽ گروهن مان نڪري هڪ وحدت بڻجي سگهون ٿا. هيءَ ئي الله جي رسي آهي جيڪا اسان سڀني کي وحدت ۾ پوئي ٿي.

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا (آل عمران-103)

اسان کي گهرجي ته فرقن، ٽولن کان مٿان ٿي ڪري قرآن جي نقطي تي گڏ ٿيون. قرآن جي دعوت ۽ ارشاد کي عام ڪيون. قرآن ۾ غور ۽ فڪر ڪري ان جي حڪمت کي سمجهون. تفسير بالراي (پنهنجي وڏن کان مليل ورثي ۾ ڳالهين کي سامهون رکي انهن کي قرآن مان ثابت ڪرڻ يا انهن جي بنياد تي قرآن جو تفسير ڪرڻ) ڇڏي تفسير با لعقل والتدبر (غور ۽ فڪر ڪري قرآن جي کي سمجهڻ) جو رستو اختيار ڪيون. مصلحتن ۽ پنهنجي نفساني ۽ نفسياتي مونجهارن کان ڇوٽڪارو پائي پنهنجن خسيس مفادن جو تحفظ ڪرڻ کي ڇڏي ڏيون.

تنهن ڪري قرآن جي پيروڪارن دردمند، دعوتي ۽جاکوڙي مسلمانن کي قرآن جي تعليم ۽ حڪمت کي عام ڪرڻ گهرجي. ان جي لاءِ مواقع پيدا ڪيا وڃن. هر ٻولي ۾ ان جا ترجما ۽ مختصر حاشيا تحرير ڪيا وڃن ته جيئن هر هڪ قرآن کي آساني سان سمجهي ڪري پنهنجي رهنمائي ڪري سگهي. نه ته ائين نه ٿئي جو قيامت ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ خدا جي دربار ۾ دانهين بڻجي اسان جي شڪايت ڪري چون ته:

وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿٣٠﴾ (الفرقان-30)

”۽ رسول چوندو ته اي منهنجا پالينڌڙ! بيشڪ منهنجيءَ هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو.“

***